ڊاڪٽر قاضي خادم

# ادب ۽ روايتون

روايت پسندي Traditionalism (١) ۽ رجعت پسندي Rigidity (٢) ۾ تمام وڏو فرق آهي. ادب جي ڪيترن ۾ عام طور تي انهن ٻنهي کي هڪ ڪري سمجهيو ٿو وڃي. حالانڪ، روايتون ڪنهن به ٻوليءَ جي ادب کي ماضيءَ جي ثقافتي، تاريخي مذهبي توڙي سماجي ورثي سان روشناس ڪرائين ٿيون. ان جي برعڪس رجعت پسندي پنهنجي غير لچڪيداري، سخت ۽ ڪڏهن به نه ڦرندڙ فطرت جي ڪري ادب ۾ جمود جو باعث بنجي ٿي ۽ ادب جو سدا بهار، تازو توانو وهڪرو هڪ رڪجي ويل، سينوارڻيل ۽ بدبودار گندي پاڻيءَ جي دٻي ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. تنهن ڪري ائين چئبو ته صحتمند روايتون ماضيءَ جو ورثو حال ڪي منتقل ڪن ٿيون ۽ ان طرح مستقبل لاءِ پڻ راهه هموار ڪن ٿيون. روايتن جي ڏس ۾ مشهور برطانوي شاعر ۽ نقاد ايذرا پائونڊ لکي ٿو:

”دنيا جي هر ٻوليءَ جو ادب روايتن جي انهن حسين پيڙين ۾ جڪڙيل نظر ايندو آهي. ٿورو ڌيان سان ڏٺو وڃي ته هر ٻوليءَ جون ڪي مخصوص روايتون نظر اينديون، جن سان ڪنهن قوم جي تاريخي، ثقافتي ۽ سماجي لاڙن جي خبر پڻ پوي ٿي.“(٣) اهوئي سبب آهي جو ڪمترن اديبن وري پنن ٻولين جي ادب جون سڀون روايتون

اج ٻہ روہا، رنی ڪوٽ منبا وچن،
اج ٻہ ڪينجهر تي ڪنگ رڙندا وتن،
ڀنيور تون مون لئہ، موهن ٻہ تون.
ڀنهنجي اجڙيل کهاڻي ٻہ تون. (۱۲)

هن نظم ۾ سنڌ جي تاريخ جو حوالو ته ملي ٿو. حالانڪہ نظم جي صنف سنڌ جي شاعريءَ ۾ ايراني اثرات جي ڪري آئي تنهنڪري اهو چئبو ته هن نظم ۾ هيئت جو واسطو ايراني روايت سان آهي. جڏهن ته مواد جو واسطو سنڌ جي تاريخي روايتن سان آهي. ساڳيءَ طرح نياز جي طويل نظم هاءِ جيجل مارئيءَ ۾ وري سنڌ جي نيم تاريخي رومانوي قصن جي ڪردارن کي علامتن طور پيش ڪيو ويو آهي: هن ۾ مارئي، سسئي، سهڻي، مومل ۽ ٻا ڳهي جا ڪردار پيش ڪيل آهن. امداد حسينيءَ جو نظم "ڪرُ مهٽو" تي نظر وجهبي ته اهو ٻہ ان زمري ۾ شامل نظر ايندو.

ڪاڪ جي جادونگر ۾،
وقت جي مومل ڀٿي سڏڪا ڀري،
زندگيءَ جي رڃ ۾،
وقت جي سسئي ڀٿي واڪا ڪري،
ڪير آهي جو ٻڌي،
وقت جا سيٺي ڀنهون ۽ ميندرا،
جنگ تي آهن ويا.
هاءِ اتان موٽي اچڻ، ڪر مهٽو. (۱۳)

هن نظم جي هيئت Form يورپ جي آزاد نظم(Blank Verse) کان متاثر آهي، يعني يورپي روايت تي ٻڌل آهي. جڏهن ته مواد، خيال توڙي ٻولي سنڌي تاريخي روايتن سان واسطو رکن ٿا.

جي سونهن ۽ سگهند سمايل آهي، سنڌ ڌرتيءَ جا رنگ پکڙيل آهن.

امداد جو هائيڪو جنهن کي هو نيڙوءَ جو نالو ڏي ٿو. جپان جي شاعريءَ جي هن مشهور ۽ اهم صنف جي هيئت ته هن قبول ڪئي آهي، پر خيال ۽ موضوع جي لحاظ کان ان ۾ سنڌ جي ڌرتيءَ جي سگهند ٿي ملندي:

اڱڻ اداس اڪيلو نم،
اکين ۾ لهي آئي،
نيڙوءَ جي ٽم ٽم.

هن نيڙوءَ ۾ اڱڻ، نم، نيڙو (هڪ قطار ۾ بيٺل ٽي تارا) ذهن تي سنڌي ڳوٺ جي رات جي تصوير اڀارن ٿا.

هينئڙي اڇنم هول،
اڇي وڃي ته اڇي وڃي،
ٻچي ونئي ڪيرول.
چمڪيو ٻئي چوڏهين جو چنڊ،
ڪنجهي جي ولي ۾ ڏٺي،
مرڪي ڪير ملائي ڪنڊ. (١٩)

هنن جي ٻولي توڙي مواد سنڌي آهي، نه صرف ايترو پر جهاني هائيڪو جي اصولن پٽاندڙ قدرتي ماحول ۽ موسم توڙي محبت جو ذڪر به ڪاميابيءَ سان ڪيل آهي. هن ڏس ۾ تنوير جي هائيڪن تي نظر وجهبي ته اهي به نج سنڌي لڳندا.

سارا ماڻهو سون،
سنڌ جي ماڻهوءَ مٽل،

آهي ڪٿ ۾ ڪونہ .
ڪنهن جو چوريو چنگ ،
۽ چرڪي آواز ڪان ،
اڏري ويو هو ڪنگ . (٢٠)

رڻ تي رم جهم ۽ شيخ اياز جا هائيڪا ۾ سنڌي روايتن کي پيش ڪندا نظر اچن ٿا .

چڙن پڙاڏا ،
اوليڙا اڳني ويا ،
لڪ لنگهي آڏا .
ٽريلون ٽڙو هٽن ،
لهرين متان هنج ٿا ،
جهٽن سواري ڪن .
ناهي رات اماس ،
پرياتي تاري ڏنو ،
وشو متان وشواس . (٢١)

## مذهبي روايتون:

سنڌ جي ادب ۽ شاعريءَ تي مذهب جو تمام گهرو اثر رهيو آهي . حالانڪ سنڌ ۾ هندو ۽ مسلمان گڏوگڏ رهندا هئا، تڏهن ۾ ٻنهي جي لکڻين ۾ جدا جدا مذهبي اثرات نظر ايندا . مسلمانن جي لکڻين ۾ اسلامي مذهبي روايتن جو وڏو خيال رکيو ويو آهي . ان ڏس ۾ عربي شاعريءَ جي ڪيترين ئي روايتن کي بحال رکيو ويو آهي . خاص ڪري مولود ، مناجات، منقبت کي تہ سنڌ ۾ جڻ تہ تاريخي ۽ ثقافتي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي . عربيءَ جي روايتن ۾ سنڌي روايتون اهڙيءَ طرح ملي ويون آهن، جو اهي نہ

سنڌي ٿيون لڳن . مخدوم عبدالرئوف ڀٽيءَ جي هن مولود ۾ ڏسو ته ڪيئن سنڌ جو ثقافتي ۽ تاريخي رنگ ڀريل آهي .

منارا مير مرسل جا، ڏسان شل ڏيهه سڀ ڏوري،
هلي هالا، مٽيان ميسا، انڙپور ڪي ڇڏيان اوري. (٢٢)

سنڌ جي آخري حڪمران ميان سرفراز ڪلهوڙي جي مناجات هن ڏس ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. جنهن ۾ ٻوليءَ جي سونهن ۽ تز بيهڪ سان گڏ بلڪل نج سنڌي انداز ۾ پاڻ سڳورن کي ياد ڪيل آهي :

”يلا ڄام، هن غلام، سندو سوال سڻج تون .“ (٢٣)

هت پاڻ سڳورن لاءِ ڄام جو لفظ ڪتب آندو ويو آهي، جيڪو سنڌ جي سمن حڪمرانن لاءِ استعمال ٿيندو هو. اهڙي طرح سنڌي ادب ۾ مذهب جون به تمام پختيون روايتون نظر اچن ٿيون .

## سماجي روايتون :

سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن سنڌ جون سماجي روايتون به پنهنجي خيالن کي پيش ڪرڻ لاءِ ڪتب آنديون آهن. سنڌ جا ڏنڌا، هنر، ذاتيون، نالا، شهر، ڳوٺ، گل ٻوٽا، مرڻي پرڻي جون رسمون ۽ ٽوٽا ٽيٽا پير فقير، شاهه، ولي الله، انهن جي روايتن جو به سنڌي ادب تي تمام وڏو اثر آهي. خاص ڪري نقلي پيرن ۽ فقيرن توڙي ڏاڍن زميندارن ۽ جاگيردارن جي روايتي ڪردارن کي ته سنڌي ادب توڙي شاعريءَ ۾ تمام گهڻو پيش ڪيو ويو آهي. بلڪ جديد ادب جو وڏو حصو اهڙن ئي ڪردارن جي ڪڌن ڪرتوتن کي آشڪار ڪرڻ ۽ ننڌڻ تي ٻڌل آهي. ان سان گڏوگڏ سماج جي اخلاقي روايتن کي پڻ ادب ۽ آرٽ ۾ وڏي حيثيت حاصل آهي. اهي چڻ ته سنڌي معاشري

سنڌي ٻوليءَ جي مواد توڙي خيال جي روايتن سان هم آهنگ ڪري پيش ڪيو اٿن . نثر ۾ مختصر ڪهاڻي، ناول، ڊرامه ۽ مضمون جي هيئتن کي پنهنجي تاريخ ، ثقافت، مذهب ۽ سماج جي روايتن کي پيش ڪرڻ لاءِ ڪاميابيءَ سان استعمال ڪيو اٿن .

هن وضاحتن ۽ تعريفن جي روشنيءَ ۾ اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي تہ پنهنجن مخصوص روايتن کي مثال بنائي جيڪو ادبي فن پارو تخليق ڪيو وڃي ٿو اهو ئي اسرتا حاصل ڪري ٿو ۽ وقت گذرڻ سان ڪلاسڪ جي حيثيت کي پهچي ٿو. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ئي مثال وٺو. هو پنهنجي ڪلام جي ڪري سنڌ جي شناخت بنجي چڪو آهي. جيڪڏهن شاهه جي ڪلام تي غور ڪبو تہ هن جي اهميت جا سبب بہ معلوم ٿي ويندا . هن جي ڪلام ۾ سنڌ جون جهونيون ڪهاڻيون ، تمثيلي طور پيش ڪيل نظر اينديون. جيڪي سنڌ جي تاريخ ، تهذيب ۽ تمدن توڙي ريتن رسمن، عادتن ۽ اندازن جي ڀرپور نمائندگي ڪن ٿيون. شاهه جي ڪلام ۾ سنڌ جي مخصوص فڪري روايتن جي ڀرپور نمائندگي نظر ايندي .

ٻئي طرف شاهه بيت جي صنف کي جيڪا دوهي ۽ سورٺي تي ٻڌل آهي، پنهنجي فڪر ۽ شعر جي پيشڪش لاءِ چونڊيو. تنهن ڪري ائين چئبو تہ شاهه هيئت جي لحاظ کان بيت ۽ وائيءَ جي صورت ۾ سنڌي هيئت جي روايتن کي قبول ڪيو ۽ مروج ڪرڻ ۾ مدد ڪيائين . سندن بيت مذهب ۽ اخلاقيات جو پيغام بہ ڏين ٿا ۽ ان ۾ عربي ۽ فارسيءَ جا مقولا توڙي متون بہ ڏنل آهن . نہ صرف ايترو پر پنهنجن بيتن کي آيتن ڪونڻ ۽ انهن ۾ قرآن جون آيتون

چيمبرس حيدرآباد - ١٩٧٧ صفحو ١٧.

١٩- امداد حسيني - امداد آهي رول - صفحو ٣٥

٢٠- تنوير عباسي - سج تريءَ هيٺان - صفحو ١٧

٢١- شيخ اياز - رڻ تي رم جهم - نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٨٦ صفحو ١٣١

٢٢- سنڌي ادبي تاريخ ڀاڱو پهريون - مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد.

٢٣- ميان سرفراز ڪلهوڙو - ٽه ماهي مهراڻ ٢-١٩٥٥ - صفحو ٧

٢٤- خانبهادر محمد صديق ميمڻ - سنڌي ادبي تاريخ - مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد.